# اَعوذُباللّٰه جا فضائل

**24-July-2025**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنَّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)



24 جولاءِ 2025ع (بمطابق:28 مُحرمُ الحرام 1447هجري) جو سچي پاڪستان ۾ دعوت اسلامي جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# اَعوذُ باللہ جا فضائل

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ... شيطان کي ڀڄائڻ جو طريقو
- ... دين جي واٽ ۾ خطرناڪ ترين ڏاڙيل
- ... آخري 2 سورتن ۾ ايمان افروز نڪتو
- ... بُرائي جا 70 دروازا

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ ؕ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن ؕ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡم ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡم ؕ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡكَ یَا رَسُوۡلَ الله    وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ یَا حَبِیۡبَ الله

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡكَ یَا نَبِیَّ الله    وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ یَا نُوۡرَ الله

نَوَیۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِکَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

حضرت محمد بن سَعيد رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَیۡه فرمائن ٿا: مون درود پاڪ جو هڪ تعداد مقرر (Fixed) ڪري رکيو هو ۽ روزانو اوتري تعداد ۾ درود شريف پڙهي سمهندو هيس، اَلۡحَمۡدُلله! درود پاڪ جي برڪت سان هڪ ڏينهن مون تي ڪرم ٿي ويو، مان سُتل هيس تہ قسمت جاڳي پئي، پيارا آقا، حبيبِ خُدا صَلَّی اللهُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي خواب ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ محبت پريي لهجي ۾ فرمايائون: اي منهنجا پيارا اُمّتي! جنهن وات سان تون مون تي درود پڙهندو آهين، ويجهو ڪر! مان ان وات کي چُمان...!!

حضرت محمد بن سَعيد رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَیۡه فرمائن ٿا: جانِ ڪائنات، فخرِ مَوجُودات صَلَّی اللهُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ ذيشان ٻڌي مون کي حيا آئي تہ ڪٿي منهنجو وات ۽ ڪٿي حُضُور صَلَّی اللهُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا پيارا پيارا، سُهڻا سُهڻا مُبارَڪ چپ...!! اهو سوچي مون حيا وچان پنهنجو چهرو جهڪائي ڇڏيو، پر سراپا حُسْن و جمال، بي بي آمنہ جي لال صَلَّی اللهُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ منهنجي ڳل کي چميائون...! حضرت محمد بن سَعيد رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَیۡه وڌيڪ فرمائن ٿا: سرڪارِ عالي وقار، مڪي مَدَني تاجدار صَلَّی اللهُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي هن عنايت سان نوازيو ئي هو تہ منهنجي اک کلي وئي، پياري آقا، مڪي مَدَني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خوشبوئن سان (گهر) مَهڪي رهيو هو ۽ منهنجو ڳل تہ 8 ڏينهن تائين مهڪندو رهيو.[1]

[1] ... القول البديع، صفحه:140، 141 ملخصاً.

وہ جس رَہ سے گُزرتے ہیں، بَسی رہتی ہے مُدّت تک
نصیب اُس گھر کے جس گھر میں وہ ٹھہریں مِیہماں ہو کر (1)

**وضاحت:** پيارا آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جنھن رستي تان لنگھندا آھن، اھو وڏي عرصي تائين خوشبودار رھندو آھي، الله اڪبر! اھو گھر ڪيترو نہ خوش نصيب آھي جو جنھن گھر ۾ پاڻ سڳورا جلوہ فرما ٿيندا آھن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

**حديثِ پاڪ** ۾ آھي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات (عملن جو دارومدار نيتن تي آھي.[2]

**اي عاشقانِ رسول!** سٺين سٺين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آھي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجھ سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون، نيت ڪريو! ۞الله پاڪ جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ بَاادب ويهندس ۞خوب تَوَجُّہ سان بيان ٻڌندس ۞جيڪو ٻڌندس، ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## شيطان کي ڀڄائڻ جو طريقو

صحابيءِ رسول حضرت ابوسعيد خُدْري رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا: ھڪ ڀيري مون ابليس (يعني شيطان ملعون) کي ڏٺو، مان ڏنڊو کڻي ان ڏانھن وڌيس تہ جيئن ان کي مار ڏيان. شيطان چيو: اي ابوسعيد...! ڇا اوھان نٿا ڄاڻو تہ مان لٺ يا ڪنهن بہ دُنياوي هٿيار کان ناھيان ڊڄندو. مون چيو: اي ملعون...! پوءِ تون ڪھڙي شيءَ کان ڊڄندو آھين؟ چيائين: 2 شين کان ڊڄندو آھيان: **(1):** اِسْتِعَاذَہ (يعني الله پاڪ جي پناھ گھرڻ، مثال طور اَعُوْذُ بِالله پڙهڻ) کان **(2):** صِديقين جي نُورِ مَعرِفَت کان. (سلوۃ العارفين،ج:۱، ص:۱۲۴)

1... ذوق نعت، صفحہ:130۔
2... بخاری، كِتَاب بَدءِ الْوَحی، صفحہ:65، حديث:1۔

# صحابي جي نگاھِ جو ڪمال

پيارا اسلامي ڀائرو! ھن ايمان افروز واقعي جي روشني ۾ صحابيءِ رسول جي نگاھن جو ڪمال ڏسو! شيطان عام اک سان نظر ناھي ايندو. اللّٰه پاڪ فرمائي ٿو:

اِنَّهٗ يَرٰىكُمْ هُوَ وَ قَبِيْلُهٗ مِنْ حَيْثُ لَا تَرَوْنَهُمْ ؕ (سيپارو: سورت اعراف: 26)

ترجمو ڪنزُ العرفان: بيشڪ اھو پاڻ ۽ ان جو قبيلو توھان کي اتان کان ڏسن ٿا جتان کان توھان انھن کي نٿا ڏسو.

معلوم ٿيو: اسان جھڙا عام ماڻھو شيطان کي ڏسي ناھن سگھندا پر صحابيءِ رسول جي نگاھن جو ڪمال ڏسو! جنھن کي ڪو بہ ناھي ڏسي سگھندو، صحابيءِ رسول ان کي ڏسي بہ رھيا آھن، ان کي مار ڏيڻ لاءِ ڏندو ڪڻي اڳتي وڌي بہ رھيا آھن ۽ ان سان ڳالھائي بہ رھيا آھن. سُبْحٰنَ الله!

یہ شان ہے خدمت گاروں کی سرکار کا عالَم کیا ہو گا

جڏھن حالتِ ايمان ۾ چھرهءِ مصطفيٰ جي زيارت ڪندڙن جي ھيءَ شان آھي جو ھو ڏسي سگھن ٿا، جنھن کي ڪو بہ نٿو ڏسي سگھي تہ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نگاھِ پاڪ جي شان ڪھڙي ھوندي...؟ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا:

سرِ عرش پر ہے تری گزر، دلِ فرش پر ہے تری نظر
ملکوت و مُلک میں کوئی شَے، نہیں وہ جو تجھ پہ عیاں نہیں

**وضاحت:** يارسولَ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوھان جو شان تہ ھي آھي جو عرشِ اعظم جي سير فرمائيندا آھيو ايتري بلندين جي باوجود بہ اسان غلامن جي دلين تي پنھنجي نظر رکندا آھيو، اللّٰه پاڪ جي ڪائنات ۾ اھڙي ڪابہ شيءِ ناھي جيڪا اوھان کان لڪيل رھي ھجي.

اچو! محبتِ صحابہ ۾ جھومي جھومي نعرا ھڻون ٿا:

هر صحابيِ نبي! جنّتي جنّتي
سب صحابیات بھی! جنّتي جنّتي
چار یارانِ نبي! جنّتي جنّتي
حضرتِ صدّیق بھی! جنّتي جنّتي
اور عُمرِ فاروق بھی! جنّتي جنّتي
عُثمانِ غنی! جنّتي جنّتي
فاطِمہ اور علی! جنّتي جنّتي
ہیں حَسَن حُسین بھی! جنّتي جنّتي
والِدَینِ نبي! جنّتي جنّتي
ہر زوجۂ نبی! جنّتي جنّتي
اور ابو سُفیان بھی! جنّتي جنّتي
ہیں مُعاویہ بھی! جنّتي جنّتي (1)

## شيطان اسان جو دُشمن آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! شيطان اسان جو دُشمن آهي. ان کي دُشمن ئي ڄاڻڻ، ان سان انتهائي نَفرت رکڻ تمام ضَروري آهي.

اِنَّ الشَّيْطٰنَ لَكُمْ عَدُوٌّ فَاتَّخِذُوْهُ عَدُوًّا ؕ (سيپارو: 22، فاطر: 6)

ترجمو کنزُ العرفان: بيشڪ شيطان توهان جو دشمن آهي تہ توهان بہ ان کي دشمن ڄاڻو.

يعني اي انسانو! الله پاڪ جي عِبَادت تي قائِم رهي ۽ الله پاڪ جي نافرماني ۾ شيطان جي پيروي نہ ڪري شيطان سان دُشمني ڪندا رهو! ان کي هميشہ ئي دُشمن ڄاڻيندا رهو.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! شيطان نهايت ئي خَبِيث دُشمن آهي. انسان سان دُشمني ڪرڻ، ڪنهن بہ حال ۾ انسان سان دوستي نہ ڪرڻ شيطان جي فِطرت ۾ شامِل آهي. ان خَبِيث جو بس هڪ ئي مِشن آهي، اهو هي تہ جيئن بہ ٿي سگهي انسان کي جهنّم جو حقدار بڻائي ڇڏجي. تنهنڪري اسان جي نَجات هن ۾ آهي تہ اسان شيطان خَبِيث سان دُشمني ڪيون ۽ اُن کي پاڻ تي هرگز قابُو نہ ڏيڻ ڏيون.

## ...نہ تہ هلاڪ ٿي وينديءَ

حضرت يحيٰي بن مُعَاذ رازي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: شيطان فارغ آهي، اوهان مصروف رهو ٿا، شيطان توهان کي ڏسي ٿو، اوهان ان کي نٿا ڏسو، اوهان

1... وسائل فردوس،صفحہ:53۔
2... مکاشفَۃ القلوب، باب فی عداوۃ الشيطان، صفحہ:69۔

ان کي وساري ڇڏيو ٿا، اهو توهان کي نٿو وساري، توهان جي اندر ان جا جاسُوس موجود آهن، پوءِ اهو لازمي آهي تہ اوهان شيطان سان جنگ ڪيو! نہ تہ هلاڪت کان محفوظ نہ رهي سگهندؤ.[1]

## اللّٰہ پاڪ جي پناهہ ۾ اچي وڃو..!

پيارا اسلامي ڀائرو! شيطان واقعي نهايت خَطرناڪ دُشمن آهي، هي اهو خَبِيث آهي، جيڪو جان کي نُقصان ناهي پهچائيندو، اِيْمان کسي هميشہ لاءِ جهنّم جو حقدار بڻائيندو آهي. تنهنڪري سَعَادتمند اهو ئي آهي جيڪو ان خَبِيث سان دُشمني ڪري ۽ اِن جي چالن کان هميشہ بچڻ جي ئي ڪوشش ڪندو رهي.

هاڻي سُوال اهو آهي تہ اُن خَبِيث کان ڪيئن بچجي؟ آيتِ ڪريمہ ٻڌندا! اللّٰہ پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ اِمَّا يَنۡزَغَنَّكَ مِنَ الشَّيۡطٰنِ نَزۡغٌ فَاسۡتَعِذۡ بِاللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيۡعُ الۡعَلِيۡمُ ۝٣٦ (سيپارو: 24، سورت حٰم السجده: 36) | ترجموڪنزُالعرفان: ۽ جيڪڏهن توکي شيطان جي طرف کان ڪو وسوسو اچي تہ اللّٰہ جي پناهہ گهرو. بيشڪ اهو ئي ٻڌڻ وارو، ڏسڻ وارو آهي. |

يعني اي انسان! جيڪڏهن شيطان توکي وَسْوَسو ڏياري، اللّٰہ پاڪ جي نافرماني تي اڀاري تہ ان جي شَر کان بچڻ لاءِ اللّٰہ پاڪ جي پناهہ گُهر، رَبّ ڪريم جي حُضُور التجائون ڪر، بيشڪ اهو تنهنجون دُعائون، التجائون ٻڌڻ وارو، تنهنجي حَال کي ڄاڻڻ وارو آهي. [2]

## دين جي راهہ جو خطرناڪ ترين ڌاڙيل...!!

حضرت جنيد بغدادي رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه تمام وڏا بزرگ ٿي گذريا آهن. پاڻ فرمائن ٿا: هڪ رات مون خواب ڏٺو، ڇا ٿو ڏسان، شيطان پنهنجا سيئي ڪپڙا لاهي ڇڏيا آهن ۽ انسانن سان ڪيڏي رهيو آهي. مون پڇيو: اي بيشرم! توکي حيا نٿو اچي، ڪپڙا لاهي ماڻهن جي سامهون اچين ٿو؟ شيطان چيو: اي جنيد...!

1... منهاج العابدين، العقبة الثالثة عقبة العوائق، العائق الثالث: الشيطان، صفحہ:132۔
2... تفسير صراط الجنان، پاره:24، سورۀ حم السجدة، زيرِ آيت:36، جلد:8، صفحہ:644 بتصرف۔

اوهان هنن کي انسان سمجهو ٿا؟ جيڪڏهن هي انسان هجن ها ته منهنجي چنبي ۾ ڇو ڦاسن ها؟ مون چيو: تنهنجي ويجهو حقيقي انسان ڪير آهي؟ چيائين: شيراز جي جامع مسجد ۾ 3 ماڻهو آهن، انهن منهنجو جيئڻ ڏکيو ڪري ڇڏيو آهي، مون کي ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي.

شيخ جنيد رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه فرمائن ٿا: منهنجي اک کلي، مان شيراز جي جامع مسجد ۾ پهتس. اتي واقعي 3 بزرگ موجود هئا. انهن مون کي ڏسي فرمايو: جنيد...! هر ڪنهن جي ڳالهه تي يقين ڪري وٺي ٿو؟ فرمائن ٿا: مان ويهي رهيس. انهن بزرگن فرمايو: جنيد! ڄاڻي وٺ! جنهن شيطان مَردُود کان الله پاڪ جي پناهه گهري، اهو مَضۡبُوط دِين تي قائم ٿي ويو. وڌيڪ فرمايائون: ياد رک...! شيطان دين جي راهه جو ڌاڙيل آهي. جڏهن تون الله پاڪ جي پناهه گهرندين ته اهو توکان پري پڇي ويندو ۽ ڌاڙو نه هڻي سگهندو.(1)

سُبۡحٰنَ الله! معلوم ٿيو: شيطان دين جي راهه جو خطرناڪ ترين ڌاڙيل آهي، اُن کان بچڻو آهي ته الله پاڪ جي پناهه ۾ اچڻو پوندو، اهو ئي قُدرتن وارو رَبّ ڪريم آهي جيڪو اسان کي اُن مَردُود کان بچائي سگهي ٿو. جڏهن اسان الله پاڪ جي پناهه ۾ ايندا آهيون، پوءِ شيطان جو ڪهڙو حال ٿيندو آهي، اهو به ٻڌي وٺو!

## ڪارو، سياه بَدحال شيطان

حضرت زُبَير بن عَوَّام رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡه صحابيءِ رسول آهن، مسلمانن جي پهرين خليفي حضرت ابوبڪر صِدّيق رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡه جا نياڻا آهن، تمام اوچي رُتبي واري هستي آهن، سندن شُمار بهء عَشره مُبَشَّره ۾ ٿئي ٿو. عَشره مُبَشَّره انهن 10 صحابن کي چوندا آهن، جن کي حُضُورِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنّت جي خوشخبري ٻڌائي. ايئن ته سڀ صحابه ئي جنّتي آهن پر انهن 10 کي جنّت جي خوشخبري ملڻ، انهن جي خصوصي شان آهي. خير! حضرت زُبير بن عَوَّام رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡه فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن مان مسجدِ نبوي شريف ۾ وينو الله پاڪ جو ذِڪۡر ڪري رهيو هيس، اوچتو منهنجي ساڄي ڪن ۾ آواز آيو: اَلسَّلَامُ عَلَيۡكُمۡ وَرَحۡمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ!

1... بستان الواعظين، ، صفحه:35۔

مون منهن ڦيرائي ڏنو، اتي ڪو به نہ هو. مون کي ڏورو خوف آيو تہ سلام ڪنهن ڪيو آهي. ايتري ۾ آواز آيو: ڊڄو نہ، مان مسلمان جِنّ آهيان. هڪ سُوال پڇڻ لاءِ حاضِر ٿيو آهيان. فرمايائون: پڇ ڇا پڇڻو اٿئي. جِنّ چيو: مان شيطان جي مَجلس ۾ هيس، شيطان پنهنجي لشڪر جو جائزو وٺي رهيو هو. ايتري ۾ اتي هڪ شيطاني چيلو آندو ويو، ان جو رنگ تمام ڪارو ٿي ويو هو، حَالت بہ تمام گهڻي خراب هيس، شيطانن ۾ ان کان خراب حال وارو ڪو بہ نہ هو. شيطان ان کان پڇيو: تنهنجو هي حال ڪنهن ڪيو آهي؟ ۽ جنهن شخص تي مون توکي مسلّط ڪيو هو، ان جو ڇا ٿيو...؟ اهو چيلو چوڻ لڳو: ان شخص کي مان قابو نہ ڪري سگهيس. شيطان رڙ ڪئي: تون تباهہ ٿئين، ڇو قابو نہ ڪري سگهينس. چيلي چيو: اهو شخص ڪجهہ ڪلما پڙهندو آهي. شيطان پڇيو: ان جو نالو ٻڌاءِ! چيلي چيو: زبير بن عوّام. هاڻي اهو مسلمان جِنّ جيڪو حضرت زبير بن عوّام رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي خِدمت ۾ حاضِر ٿيو هو، چوڻ لڳو: عالي جاهہ...! اهي ڪهڙا ڪلمات آهن جيڪي اوهان پڙهندا آهيو، مون کي بہ سيکاري ڇڏيو! فرمايائون: مان جڏهن صبح جو اٿندو آهيان تہ چوندو آهيان:

اَعُوذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيْطَانِ الرَّجِيمِ بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيمِ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِى عَافَانِى فِى بَدَنِى، وَرَدَّ رُوحِى فِى جَسَدِى، اٰمَنْتُ بِاللهِ الْعَظِيمِ، وَاسْتَمْسَكْتُ بِالْعُرْوَةِ الْوُثْقٰى، لَا انْفِصَامَ لَهَا، وَاللهُ سَمِيعٌ عَلِيمٌ

(سلوةُ العارفين، ج، 1، ص، 125)

**ترجمو:** مان الله جي پناهہ گهران ٿو شيطان مردود کان. الله جي نالي سان شروع جيڪو نهايت مهربان، رحم ڪرڻ وارو آهي. سيئي تعريفون الله پاڪ جي لاءِ آهن، جنهن منهنجي جسم ۾ عافيت ڏني، ۽ منهنجي روح کي منهنجي جسم ۾ واپس موٽايو. مان شان ۽ عظمت واري الله تي ايمان آندو ۽ مَضْبُوط ڪَڙي (يعني دين اسلام) کي مضبوطي سان جهلي ورتو، جيڪو ڪڏهن بہ نہ ٽٽندو، ۽ الله خوب ٻڌڻ وارو، ڄاڻڻ وارو آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا اسلامي ڀائرو!** غور فرمايو! اَعُوْذُبِالله پڙهڻ جون ڪيتريون برڪتون آهن. شيطان جو چيلو جيڪو حضرت زبير بن عوّام رَضِیَ اللہُ عَنْہ سان گڏ هو، پاڻ جيئن تہ الله پاڪ جي پناهہ گهرندا هئا، تنهنڪري اهو خَبيث تمام ڪارو ٿي

نهايت ئي بدحال ٿي ويو. اسان کي بہ گھرجي تہ اسان اِسْتِعَاذَہ (يعني اللہ پاڪ کان پناھ گھرڻ) جي ڪثرت ڪندا ڪريون. ان جو ھڪ آسان طريقو اھو آهي تہ ڏينھن ۾ وقتاً فوقتاً اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم پڙھندا رھون، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! شيطان خَبِيث کان پناھ ملندي رھندي.

## 10 ڀيرا اَعُوْذُ بِاللّٰه پڙھڻ جي فضيلت

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄڪلھ ايڊوانس دَور آهي، جيڪڏھن ڪنھن کي سيڪيورٽي ٿريٽز (خطرا) ھجن يعني جان، مال وغيرہ جو خطرو ھجي تہ اھو وڏي رقم خرچ ڪري سيڪيورٽي گارڊز رکندو آهي، ڇو...؟ تہ جيئن ڪو ان کي نقصان نہ پھچائي سگھي. ڇا خيال آهي؟ ھي سيڪيورٽي گارڊ ان کي نقصان کان بچائي سگھن ٿا؟ نہ بچائي سگھندا.اِذَا جَاءَ التَّقْدِيْرُ فَاتَ التَّدْبِيْرُ جڏھن تقدير غالب ايندي آهي تہ تدبيرون ڪم ناھن ايندي. پر پوءِ بہ سيڪيورٽي گارڊز تہ رکيا ئي ويندا آھن نہ

اسان مان ھر ھڪ کي سيڪيورٽي ٿريٽز آھن ۽ ايترا خطرناڪ ٿريٽز جو ان ۾ جان جو نہ اِيْمان جو خطرو آهي. دُشْمن اھڙو چالاڪ، چاڪ و چوبند، اھڙي بُجِھڙي ترين پلاننگ ڪرڻ وارو آهي جو اللہ پاڪ جي پناھ...! ۽ اھو دُشمن آهي ڪٿي: اسان جي رڳن ۾ رت وانگر ڊوڙي رھيو آهي. ھاڻي ٻڌايو! اھڙي خطرناڪ دُشْمن جي خِلاف اسان کي ڪيتري سيڪيورٽي جي ضرورت آهي. جڏھن جان بچائڻ لاءِ ماڻھو ھزارين بلڪ لکين رپيا خرچ ڪري سيڪيورٽي حاصِل ڪري وٺندا آھن تہ اسان ايتري خطرناڪ ترين دُشمن کان پنھنجي جان نہ بلڪ اِيمان بچائڻ لاءِ سيڪيورٽي حاصِل ڇو نہ ڪندا آھيون.

ھاڻي اوھان چوندؤ تہ ھي سيڪيورٽي ڪٿان ملندي؟ ڪيئن ملندي؟ ڪيترو خرچ ٿيندو؟ ڏاڍو آسان طريقو آهي. قربان وڃجي! اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عِنَايتُن تي، اسان جي حفاظت جو سڄو بندوبست فرمايو اٿن. حديثِ پاڪ ۾ آهي: پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو ٻانھو روزانو 10 ڀيرا شيطان مَردُود کان اللہ پاڪ جي پناھ گھري

(مثال طور اَعُوْذُبِالله پڙهي)، الله پاڪ ان سان گڏ هڪ فرشتو مُقَرَّر فرمائي ڇڏيندو، جيڪو شيطان کي ان کان پري ڀڄائيندو رهندو. [1]

امام حَسَن بصري رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه فرمائن ٿا: جڏهن ٻانهو دِل کي حاضر ڪري (يعني معنيٰ تي ڌيان رکي) اَعُوْذُبِالله پڙهندو آهي ته الله پاڪ ٻانهي ۽ شيطان جي وچ ۾ 300 پردا حائِل فرمائي ڇڏيندو آهي.[2]

سُبۡحٰنَ الله! هي آهي شيطان جهڙي خطرناڪ ترين اِيْمان جي دُشمن کان حفاظت جو طريقو. ڪيترو آسان عَمَل آهي، بَس روزانو وقت ڪڍي... وقت به ڪيترو ڪڍڻو آهي؟ چند سيڪنڊ. بس ٿوري تَوَجُّه فرمايو! ذِهن ناهيو! روزانو صِرْف 10 ڀيرا اَعُوْذُبِالله پڙهڻ جي عادَت بڻائي وٺو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! الله پاڪ فرشتي کي اسان جي حفاظت لاءِ مُقَرَّر فرمائي ڇڏيندو.

## اِسْتِعَاذَه سُنّتِ انبيا آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اِسْتِعَاذَه (يعني الله پاڪ جي پناهه گهرڻ) سُنّتِ انبياء آهي. قرآنِ ڪريم ۾ اُن جو ذِڪر موجود آهي. حضرت نُوح عَلَيۡهِ السَّلَام عرض ڪيو:

رَبِّ اِنِّیۡۤ اَعُوۡذُ بِكَ (سيپارو: 12، سورت هود: 47)

ترجمو ڪنزُ العرفان: اي منهنجا رب! مان تنهنجي پناهه گهران ٿو.

حضرت يوسُف عَلَيۡهِ السَّلَام ۽ زُليخا جو جڏهن اهو واقعو ٿيو، ان وقت حضرت يوسُف عَلَيۡهِ السَّلَام چيو هو:

مَعَاذَ اللّٰهِ (سيپارو: 12، سورت يوسف: 23)

ترجمو ڪنزُ العرفان: (اهڙي ڪم کان) الله جي پناهه.

اِئين ئي حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام الله پاڪ جي پناهه گهري، حضرت مريَم رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡهَا جيڪا پاڻ نَبِيّه ناهي پر هڪ عظيمُ الشّان نبي حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام

---

1... مسند ابی يعلى، جلد:4، صفحه:320، حديث:4114۔
2... تفسير نعيمى، جلد:1، صفحه:45۔

جي اَمرُ آهي، پاڻ الله پاڪ جي پناهه گھري، اِئين ئي ٻيا انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلام بہ الله پاڪ جي پناهه گھرندا هئا ۽ اسان جا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم...! پاڻ کي حڪم ٿيو:

قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَقِۙ ۝١ (سيپارو: 30، سورت فلق: 1)

ترجمو ڪنزُ العرفان: اوهان فرمايو: مان صبح جي ربّ جي پناهه وٺان ٿو.

وڌيڪ حڪم ٿيو:

قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاسِۙ ۝١ (سيپارو: 30، سورت ناس: 1)

ترجموڪنزُالعرفان: اوهان چئو: مان سمورن ماڻھن جي رب جي پناهه وٺان ٿو.

## آخري 2 سُورتن ۾ ايمان افروز نڪتو

هي قرآنِ ڪريم جون آخري 2 سُورتون آهن: سُوره فَلق ۽ سُورت وَالنّاس.

هنن ٻنهي کي مُعَوَّذَتَيْن چوندا آهن يعني اهي 2 سُورتون جن ۾ الله پاڪ جي پناهه گھرڻ جي تعليم ڏني وئي آهي. هتي هڪ نهايت خوبصُورت نڪتو عُلَماءِ ڪرام بيان فرمايو آهي: قرآنِ ڪريم جي ابتدا ٿي سُورت فَاتِحَه سان، اِختتام ٿيو مُعَوَّذَتَيْن تي. هنن جو پاڻ ۾ ڏاڍو گھرو تَعَلُّق آهي. سُورت فَاتِحَه جي مرڪزي تعليم مُراقبو آهي يعني سُورت فَاتِحَه ۾ اسان کي سيکاريو ويو تہ اي ٻانهو...! پنهنجي باطِن کي پاڪ صاف ڪري، الله پاڪ جي ياد وَسائي وٺو، صِرْف ۽ صِرْف الله پاڪ جا ٿي وڃو! پوءِ پُوري قرآنِ ڪريم ۾ اُن جا طريقا ٻڌايا ويا، اُن راهه جون مشڪلاتون ٻڌايون ويون، پوئين قومن جا واقعا ٻڌايا ويا.

ٻانهو پريشان ٿي وڃي تہ اي الله پاڪ! تنهنجي قُرْب حاصل ڪرڻ جو رستو تہ ڏاڍو مشڪل آهي، ڪيئن پهچنداسين؟ آخِر ۾ اچي فرمايو:

قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاسِۙ ۝١ (سيپارو: 30، سورت ناس: 1)

ترجموڪنزُالعرفان: اوهان چئو: مان سمورن ماڻھن جي رب جي پناهه وٺان ٿو.

يعني اللّٰه پاڪ تائين پهچڻ لاءِ، انهيءَ پاڪ رَبّ ڪريم جي پناهه ۾ اچي وڃو! سڀ مشڪلون حل ٿي وينديون.[1]

## اِسْتِعَاذَه سُنّتِ مصطفيٰ آهي

سُبْحٰنَ الله! خير! مان عرض ڪري رهيو هئس ته اِسْتِعَاذَه يعني اللّٰه پاڪ جي پناهه گهرڻ سُنّتِ انبياء به آهي، سُنّتِ مصطفيٰ به آهي. پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪثرت سان اللّٰه پاڪ جي پناهه گهرندا هئا. شيطان مردُود جي خِلاف...!! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! شيطان جو ته پاڻ سڳورن کي ڪجهه خَطرو ئي ناهي نه، انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام تي ته شيطان مَردُود ڪو وار ڪري ئي نٿو سگهي ۽ اسان جا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم...! سندن ته شان ئي نِرالي آهي، پاڻ فرمايائون: هر هڪ سان گڏ هڪ شيطان هوندو آهي (جنهن کي هَمْزَاد چوندا آهن)، فرمايائون: مون سان گڏ جيڪو شيطان هو، اهو ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي چڪو آهي.[2]

ته شيطان کان پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪجهه خَطرو ناهي، پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان غُلامن کي سيکارڻ خاطر پناهه گهرندا هئا ۽ صرف شيطان جي خِلاف نه بلڪ ٻين به ڪيترين ئي شين جي خِلاف پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اللّٰه پاڪ جي پناهه گهري. حديثن ۾ ان جو ذِڪر موجود آهي، مان خلاصو عرض ڪريان ٿو: پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۞ ٻُري دوست کان اللّٰه پاڪ جي پناهه گهري ۞ ٻُري پاڙيسري کان اللّٰه پاڪ جي پناهه گهري. اهڙي طرح ۞ بي فائده عِلْم ۞ خشوع کان خالي دِل ۞ نه پرجندڙ نفس ۞ قبول نه ٿيندڙ دُعا ۞ ناتواني ۞ سُستي ۞ دِل جي سختي ۞ غفلت ۞ تنگ دستي ۞ ذِلّت ۞ محتاجي ۞ فِسْق (يعني گُنَاه) ۞ جهڳڙي ۞ نفاق ۞ شهرت طلبي ۞ رياڪاري ۞ عذابِ قبر وغيره ڪيترين ئي شين کان اللّٰه پاڪ جي پناهه گهرندا هئا.

ائين اِسْتِعَاذَه يعني اللّٰه پاڪ جي پناهه گهرڻ سُنّتِ انبياء به آهي، سُنّتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم به آهي. تنهنڪري اسان کي ڪَثْرت سان اللّٰه پاڪ جي پناهه گهرڻ جي عادَت بڻائي وٺڻ گهرجي.

---

1... منهاج العابدين، العقبة الثالثة عقبة العوائق، العائق الثالث: الشيطان، صفحه:132۔

2... مسلم، كتاب صفة القيامة...الخ، باب تحريش الشيطان...الخ، صفحه:1083، حديث:2814 ملتقطاً۔

## مدني پنج سُورهہ مان دُعائون ياد ڪريو!

جن شين ڪان پناهہ گهرڻ جو مون ذِڪْر ڪيو، انهن مان ڪيترن ئي جو بيان امير اهل سنت مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي تمام بهترين ڪتاب مدني پنج سُوره ۾ موجود آهي. هي ڪتاب حاصِل ڪريو! اُن ۾ خاص طور جتي دُعائن جو ذِڪْر آهي، انهن کي پڙهو! روزانو جون هي دُعائون ياد ڪريو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ڏاڍو فائدو حاصِل ٿيندو.

## تَصَوُّف جي پهرين ڏاڪڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! ايئن تہ اَعُوْذُبِالله آسان ترين وظيفو آهي، ٿورو ذهن تي زور ڏيو، ننڍپڻ ۾ جڏهن قرآنِ ڪريم پڙهڻ قارِي صاحِب وٽ ويا هئاسين تہ هنن سڀ کان پهريان اسان کي اَعُوْذُبِالله پڙهڻ ئي سيکاريو هوندو پر ٿي سگهي ٿو تہ گهڻن کي هن جي معنيٰ ئي معلوم نہ هجي، پڙهندا تہ آهيون، جڏهن جڏهن تِلاوت جي سَعَادت ملندي آهي، اَعُوْذُبِالله عمومًا پڙهي ئي ويندي آهي، ان جو ترجمو ڇا آهي؟ ٻڌو! ۞ اَعُوْذُ جو مطلب آهي: مان پناهہ ۾ اچان ٿو. ڪنهن جي؟ ۞ بِاللهِ: الله پاڪ جي. ڪهڙي دُشمن کان بچڻ لاءِ؟ ۞ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم: شيطان مَردُود کان.

مشهور مُفَسّرِ قرآن مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اَعُوْذُبِالله پڙهڻ ڄڻ تہ مَخْلُوق کان خالِق ڏانهن موٽڻ آهي ۽ هي تَصَوُّف جي پهرين ڏاڪڻ آهي.

يعني ٻانهو جڏهن معنيٰ تي نظر رکي دِل جي گواهي سان اَعُوْذُبِالله پڙهندو آهي تہ اهو ڄڻ تہ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ اِلتجا ڪري رهيو هوندو آهي: يا الله پاڪ! مان تمام ڪمزور ٻانهو آهيان، تو مون کي مٽي مان پيدا فرمايو آهي، يا الله پاڪ! انتهائي سرڪش دُشمن منهنجي پويان لڳل آهي، اي رَبّ ڪريم! منهنجي اندر مُقابلي جي طاقت ناهي. اي مالِڪِ ڪريم! دُنيا مون

ڪي پنهنجي طرف ڇڪي رهي آهي، نفس خواهشن تي اياري رهيو آهي، شيطان اِيمان ڪسڻ ۾ لڳل آهي، اي الله پاڪ! مان نہ هلي سگهان ٿو، مان مُقابلو نٿو ڪري سگهان، مان ڪمزور آهيان. اي مالِڪِ ڪريم! مون ڪي پنهنجي پناهہ ۾ وني ڇڏ، تون ئي آهين، توکان سواءِ ڪا پناہ گاهہ ناهي.

اوهان اندازو لڳايو! هي ڪيتري خوبصُورت سوچ آهي، اَعُوۡذُبِالله جي ذريعي بانهو پنهنجي ڪمزوري جو اِقْرار بہ ڪري رهيو آهي، الله پاڪ جي قُدرتن تي يقين بہ ڏيکاري رهيو آهي ۽ گڏوگڏ شيطان سان اِنتهائي نفرت ڪي بہ ظَاهِر ڪري رهيو آهي. اهي ئي 3 شيون جيڪڏهن حقيقتاً اسان ڪي مُيسر اچي وڃن، يعني (1): انسان ڪي پنهنجي ڪمزوري معلوم ٿي وڃي (2): الله پاڪ جي قدرتن تي يقين ويهي وڃي (3): شيطان مَردُود سان صحيح معنيٰ ۾ نفرت ٿي وڃي تہ يقين مڃو! اسان جي زندگي سَنْورجي سگهي ٿي.

## فِرۡعَوۡن جو سبق آموز واقعو

فِرۡعَوۡن: اهو سرڪش ڪافِر جنهن خُدائي جي دعويٰ ڪري رکي هئي. مڪتبةُ المدينہ جي ڪتاب: حڪايتون ۽ نصيحتون، صفحي: 373 تي آهي: هڪ ڀيري ائين ٿيو جو درياءِ نيل جو پاڻي تمام گهٽو گهٽجي ويو، فصلن ڪي پاڻي نہ مِليو، قحط سالي ٿي وئي، ماڻهو بُک ۽ اُڃ کان بي حال ٿي ويا، آخر سڀ مِلي ڪري فِرْعَوْن وٽ آيا ۽ چيائون: اي فِرْعَوْن! اسان جا اَهْل و عيال، مال مويشي سڀ هلاڪ ٿي رهيا آهن، جيڪڏهن تون واقعي خُدا آهين تہ درياءِ نيل ڪي جاري ڪري ڇڏ. هاڻي فِرْعَوْن ڄاڻندو تہ هو تہ مان خُدا ناهيان، اهو بہ ڄاڻندو هو تہ مان درياهہ ڪي جاري نٿو ڪري سگهان پر هاڻي ڪجهہ تہ ڪرڻو هو، نہ تہ جيڪو ڍونگ هن رچايو هو، ان جو ڪوڙ ظاهر ٿي پوي ها. تنهنڪري فِرْعَوْن ان جو هڪ حل سوچيو، هن اُوني لباس، وارن مان نهيل ٽوپي ۽ خاڪ سان ڀريل هڪ ٿيلهي کنئي ۽ بلڪل اڪيلو هڪ وِيران جزيري ڏانهن هليو ويو، اتي وڃي هن شاهِي لباس لاهي، اُوني لباس پهريو، مٿي تي وارن جي نهيل ٽوپي پاتي ۽ خاڪ کي زمين تي پکيڙي ان تي اُٿلڻ پُٿلڻ لڳو، هن روئيندي سر سجدي ۾ رکي عرض ڪيو: اي منهنجا خالِق و مالِڪ! مان ڄاڻان ٿو تہ تون ئي زمين ۽ آسمان جو مالِڪ آهين پر مون تي بدبختي

غالِب اچي وئي، مان تنهنجي نافرماني ۽ سرڪشي ۾ حد کان وڌي ويس، اي مالِڪ! مون کي منهنجي قوم ۾ رُسْوا نہ ڪر، بيشڪ تون وڏو ڪرم فرمائڻ وارو آهين.

فِرْعَون؛ بدبخت جڏهن ائين رَبّ رحمٰن و رَحِيْم جي حُضُور پنهنجي عاجزي ۽ محتاجي جو اِظْهار ڪيو تہ درياءِ ڪرم جوش تي آيو ۽ الله پاڪ درياءِ نيل کي جاري ٿيڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو.[1]

اللهُ اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! فِرْعَون جهڙو سرڪش ڪافِر جيتوڻيڪ پنهنجي دُنياوي ڪوڙي عزّت بچائڻ لاءِ ئي سهي، جڏهن الله پاڪ جي حُضُور پنهنجي مُحْتاجي ۽ بي وسي جو اِظْهار ڪري، مڃي وٺي تہ مولا! تون ئي قُدرتن وارو آهين، مان تہ بي وس مُحْتاج ٻانهو آهيان، جڏهن فِرْعَون پناهہ گهري ٿو تہ الله پاڪ اهڙو ڪَرم فرمائي ٿو، سوچيو اسان تہ پوءِ مسلمان آهيون، ان رَبُّ الْعَالَمِيْن جي حُضُور سجدا ڪرڻ وارا، ان جي محبوبِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جو ڪلمو پڙهڻ وارا آهيون، اسان جڏهن پنهنجي مُحْتاجين جو اقرار ڪنداسين، پنهنجي بي وسي جو تَصَوُّر جمائي دِل جي گهرائي سان مڃي وٺنداسين تہ مولا! مان مُحْتاج آهيان، تنهنجو ٻانهو آهيان، منهنجي ڪا طاقت ناهي، ڪا قُوَّت ناهي، اي مالِڪِ ڪريم! مان تنهنجي پناهہ ۾ اچان ٿو. تڏهن اسان تي ڪهڙيون ڪهڙيون ڪرم نوازيون ٿي وينديون.

## اسان ۽ اسان جي بي وسي

پيارا اسلامي ڀائرو! ٿوري تَوَجُّہ ڏيو، اسان واقعي بي وس آهيون. غور فرمايو! ۞ جيڪڏهن زمين ڦاٽي پوي، ڇا اسان ان کي روڪي سگهنداسين؟ نہ روڪي سگهنداسين نہ. ڪير روڪي سگهي ٿو؟ الله پاڪ. پوءِ چو نہ الله پاڪ جي پناهہ حاصِل ڪجي ۞ آسمان مان تيز برسات وسي، ٻوڏ اچي وڃي، اسان روڪي سگهون ٿا؟ نٿا روڪي سگهون ۞ زلزلا اچي وڃن، اسان روڪي سگهون ٿا؟ نہ ۞ جهنگلن ۾ هزارين قسم جا جانور آهن، جيڪڏهن

1... حڪايتيں و نصيحتيں، صفحہ:373 بتغير قليل۔

اهي جانور شهرن جو رُخ ڪن، ڇا اسان انهن کي روڪي سگهنداسين؟ نه روڪي سگهنداسين ۞ اچا جهنگل به ٿورو پري جي ڳالهه ٿي وئي، اسان جي گهرن اندر ڪيترا ئي زهريلا جانور موجود هوندا آهن، سانڊي عام ڏسڻ ۾ ايندي آهي، گهرن ۾ آزاد گهمي رهي هوندي آهي. سياري ۾ نه ڄاڻ ڪٿي گم ٿي ويندو آهي، اونهاري ۾ خبر ناهي ڪٿان نڪري ايندي آهي. اهي ئي سانڊيون جيڪڏهن سيئي نڪري اچن، ڇا اسان انهن کي روڪي سگهنداسين؟ نه روڪي سگهنداسين، جيئڻ ڏکيو ٿي ويندو. ۽ ڪيترا ئي اهڙا مُعَاملا آهن، جيڪي اسان جي اِخْتيار ۾ ئي ناهن. الله پاڪ جي اِخْتيار ۾ ته سڀ ڪجهه ئي آهي. جڏهن اسان بي وس آهيون، الله پاڪ سڀ قدرتن وارو آهي پوءِ ڇو نه اسان پنهنجي بي وسي جو اِقْرار ڪريون، اهو تَسْليم ڪري وٺون ته پناهه مِلندي ته صِرْف الله پاڪ جي حُضُور ملندي ۽ الله پاڪ جي پناهه گهرڻ وارا بڇجي وڃون. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! وارا نيارا ٿي ويندا.

## اُسْتاد جي بهترين نصيحت

هڪ بزرگ هئا، انهن پنهنجي شاگِرد کان پڇيو: پٽ...! فرض ڪر! تون ڪٿان لنگهي رهيو آهين، هڪ ڪُتو توتي ڀونڪڻ لڳو. هاڻي ڇا ڪندين؟ چيائين: مان ان کي پري ڀڄائيندس. استاد صاحِب فرمايو: پٽ! ائين ته تون اتي ئي بيٺو رهجي ويندين ڇو ته تون ڪُتي کي ڀڄائيندو رهندين، اهو ڀونڪندو رهندو. جيڪڏهن تون ڪُتي جي مالِڪ کان مدد گهرين ته اهو ڪُتي کي پري هٽائي ڇڏيندو، تون آرام سان لنگهي ويندين، ائين ڪُتي کان به بچت ٿيندي ۽ وقت به بچي ويندو.[1]

ڪيترو آسان طريقو آهي نه...! مالِڪ جي پناهه ۾ اچي وڃو! سڀ مشڪلاتون حل ٿي وينديون.

## قومِ يُونُس جي ڪمال حڪمتِ عملي

قرآنِ ڪريم ۾ خوبصُورت واقعو بيان ٿيو آهي. حضرت يونُس عَلَيهِ السَّلَام الله پاڪ جا نبي آهن، پاڻ جنهن قوم ڏانهن نبي بڻائي موڪليا ويا، اهي ماڻهو

1... تفسير قرطبی،پاره:9، سورۂ اعراف، زيرِ آيت:200، جلد:4، صفحه:210۔

نَينُوىٰ نالي علائقي ۾ رهندا هئا، ڪفر ۽ شرڪ ۾ مبتلا هئا، حضرت يونُس عَلَيۡهِ السَّلَام انهن کي ڏاڍو سمجهايو، نيڪي جي دعوت ڏني، اِيْمان ۽ دِين ڏانهن سڏيو پر اهي ماڻهو ڪفر ۽ شرڪ کان نہ رُڪيا. آخر حضرت يونُس عَلَيۡهِ السَّلَام انهن کي عذاب جي وعيد ٻڌائي ڇڏي، ٻڌائي ڇڏيو تہ هاڻي عذاب اچي ئي رهندو. هي ڳالهہ جڏهن انهن ٻڌي تہ انهن کي فِڪْر لاحق ٿي وئي.ڳوٺ جا جيڪي وڏا ۽ سياڻا ماڻهو هئا، اهي گڏجي ويٺا، سوچڻ لڳا تہ حضرت يونُس عَلَيۡهِ السَّلَام ڪڏهن بہ ڪا ڳالهہ غلط ناهي ڪئي. جيڪڏهن پاڻ عذاب اچڻ جو فرمايو آهي تہ عذاب اچي ئي رهندو. پاڻ ۾ مشورو ٿيڻ لڳو تہ هاڻي ڇا ڪجي. مشوري سان هي ڳالهہ طَئي ٿي تہ رات جو ڏسون: جيڪڏهن حضرت يونُس عَلَيۡهِ السَّلَام بستي ۾ ئي رهيا، ان جو مطلب هوندو تہ عذاب نہ ايندو. جيڪڏهن پاڻ تشريف وٺي ويا تہ مطلب هوندو تہ عذاب ايندو. تنهنڪري انهن ڪجهہ ماڻهو پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام جي گهر مبارَڪ جي ويجهو مُقرَّر ڪري ڇڏيا! رات ٿي، حضرت يونُس عَلَيۡهِ السَّلَام بستي مان باهَر تشريف وٺي ويا.

صبح ٿيو، عذاب جا آثار نظر اچڻ شروع ٿي ويا. هاڻي ماڻهو پريشان... ڪَن تہ ڇا ڪن. حضرت يونس عَلَيۡهِ السَّلَام کي ڳولين ٿا تہ ڪنهن طرح پاڻ تشريف وٺي اچن، اسان انهن جي هٿ تي ڪلمو پڙهون ۽ عذاب کان بچي وڃون پر پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام تہ تشريف وٺي وڃي چڪا هئا. هاڻي انهن هڪ ترڪيب سوچي، ڇا پوڙها، ڇا جوان، عورتون، ٻار، سڀ گهرن مان نڪتا، ٿلها لباس پهري، جهنگل ڏانهن نڪري ويا، سيني الله پاڪ جي حُضُور ڳِڙگِڙائڻ شروع ڪري ڏنو: اي مالِڪِ ڪريم! اسان حضرت يونس عَلَيۡهِ السَّلَام تي ايمان آندو، اي مالِڪِ ڪريم! اسان تَوبہَ ڪريون ٿا.

ائين انهن رڙيون ڪري الله پاڪ جي پناهہ گهري تہ الله پاڪ انهن جي توبہ کي قبول فرمائي ورتو ۽ اهو عذاب جيڪو انهن جي مٿن تائين پهچي چڪو هو، ان کان انهن کي نَجات عطا فرمائي ڇڏي.(1)

1... تفسير قرطبی،پاره:9، سورۂ اعراف، زيرِ آيت:200، جلد:4، صفحہ:210۔

## پناهه صِرف هڪ ئي آهي

سُبْحٰنَ اللہ! پتو پيو: ڀانهو اهو سمجهي ونئي ته مان بي وَس آهيان، پناهه صِرْف اللّٰه پاڪ جي حُضُور مِلندي ته سموريون مشڪلون ٽري سگهن ٿيون. اللّٰه پاڪ فرمائي ٿو:

وَ ظَنُّوْۤا اَنْ لَّا مَلْجَاَ مِنَ اللّٰهِ اِلَّاۤ اِلَیْهِ ؕ ثُمَّ تَابَ عَلَیْهِمْ لِیَتُوْبُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِیْمُ۠ ﴿۱۱۸﴾

(سيپارو: 11، سورت توبه: 118)

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ انهن يقين ڪري ورتو ته اللّٰه جي ناراضگي سان (بچڻ جي لاءِ) ان ڪان سواءِ ڪا پناهه ناهي ته اللّٰه انهن جي توبه قبول ڪئي ته جيئن اهي توبه ڪندا رهن بيشڪ اللّٰه ئي توبه قبول ڪرڻ وارو مهربان آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو: اللّٰه پاڪ جي پناهه ۾ اچڻ بغير اسان وٽ ڪو چارو ناهي. تنهنڪري سنو اهو ئي آهي ته اسان اللّٰه پاڪ جي پناهه ۾ اچي وڃون، ان جي حُضُور عرض ڪريون: مولا! مان ڪمزور آهيان، ناتوان آهيان، بي وس آهيان، اي مالڪِ ڪريم! تنهنجو هي ڪمزور ٻانهو تنهنجي حُضُور حاضِر توکان پناهه جو طَلبگار، مون کي پناهه نصيب فرمائي ڇڏ.

## اَعُوذُ بِاللّٰه ۽ آزاد خيالي جو تصَوُّر

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄڪلهه هڪ نظريو گهڻو عام آهي،ڏاڍا گهڻا ماڻهو ان جا گروِيْدَه (پوئلڳ) به ٿي ويندا آهن ۽ اهو نظريو آهي آزاد خيالي (Free Will Theory). اَعُوْذُبِاللّٰه ۾ ان جي به ڪاٽ آهي. اسان جي مرضِي ۽ اسان جو اِرادو جيڪو آهي اهو هڪ خاص حَدْ تائين ڪم ڪري سگهي ٿو، جيڪڏهن اسان ان کي آزاد ڇڏي ڏيون، بلڪل آزاد خيال ٿي وڃون ته اسان جي اِرادن، اسان جي سوچن ۽ اسان جي خيالن تي شيطان قبضو جمائي سگهي ٿو. اُن ڪري جڏهن اسان چوندا آهيون: اَعُوْذُبِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْم ته ان ۾ هڪ هي اقرار به آهي ته اي اللّٰه پاڪ! مان پنهنجي ارادن ۽ خيالن کي به تنهنجي سِپُرد ڪريان ٿو ته جيئن شيطان منهنجي خيالن تي قبضو نه جمائي وٺي.

# ترقي يافته بدشگوني

اڄڪلهہ ڏسو! دُنيا ترقي ڪري ورتي، خيالن ۽ سوچن کي آزاد ڇڏي ڏنو، بدشگوني ۾ ڦاسي ويا. وڏا وڏا ترقي يافته مُلڪَ آهن، 13 نمبر کان بدشگوني وٺندا آهن، انهن وٽ بلڊنگز ۾ 13 نمبر جي منزل نه هوندي آهي، جهازن ۾ 13 نمبر جي سيٽ نه هوندي آهي

۽ بيون به ڪيتريون ئي وَهمي ڳالهيون ماڻهن ٺاهي رکيون آهن، مثلاً ۞صبح صبح ڪنهن انڌي سان ملاقات ٿي وئي ۞ هڪ اک وارو ماڻهو سامهون اچي ويو ۞ڪو منڊو مِلي ويو ۞ ڪارو ڪانوَ يا ٻلي سامهون کان گذري وئي ۞ ڪم تي ويندي وقت رستي ۾ ڪو ٻُڇڙو آواز ٻڌي ورتو ته بدشگوني ورتي ويندي آهي ته هاڻي منهنجو ڪم نه ٿي سگهندو ۞ ڏينهن کان بدشگوني ورتي ويندي آهي ۞ ايمبولينس جي آواز کان۞ فائر برگيڊ جي آواز کان بدشگوني ورتي ويندي آهي ۞ ڪڏهن اخبارن ۾ شايع ٿيندڙ ستارن جي راند کان پنهنجي زندگي کي غمگين ٻڌائي ورتو ويندو آهي ۞ڪجهہ ماڻهو مهمان جي رخصتي کانپوءِ گهر ۾ ٻهاري ڏيڻ کي مَنْحوس سمجهندا آهن ۞ سڌي اک ڦڙڪي ته يقين ڪيو ويندو آهي ته ڪا مصيبت ايندي ۞ عيد جمعي جي ڏينهن ٿي وڃي ته ان کي موجوده حڪومت تي ڳرو سمجهندا آهن ۞ٻلي جي روئڻ جي آواز کي مَنْحوس سمجهيو ويندو آهي ۞ڪُڪڙُ ڏينهن جي وقت اذان ڏئي ته بدفالي ۾ مُبتَلا ٿي ويندا آهن ايستائين جو ان کي ذَبح ڪري ڇڏيندا آهن ۞دُڪان تان پهريون گراهڪ سودو وٺڻ بغير هليو وڃي ته دڪاندار ان کان بدشگوني وٺندو آهي ۞نئين ڪنوار گهر اچڻ تي گهر ۾ ڪو ٻُڇڙو واقعو ٿي وڃي ته ان ڪنوار کي مَنْحوس سمجهيو ويندو آهي ۞ جواني ۾ بيواهه ٿي وڃڻ واري عورت کي مَنْحوس سمجهيو ويندو آهي ۞ خالي ڦينچي هلائڻ کي مَنْحوس سمجهيو ويندو آهي ۞ سج گرهڻ جي وقت حامله عورت ڇري سان ڪا شيءِ نه ڪَٽي ته ٻار پيدا ٿيندو پر ان جو هٿ يا پير ڪٽيل هوندو۞ گهڻا وَهمي طبيعت جا ماڻهو صَفَر جي مهيني کي مصيبتن، آفتن جو مهينو سمجهندا آهن

۞ خاص طور ان جون ابتدائي 13 تاريخون جن کي ”تيره تيزي“ چيو ويندو آهي، انهن تاريخن کي ڏاڍو مَنْحوس سمجهيو ويندو آهي ۞وهمي طبيعت جي ماڻهن جو اهو ذهن ٺهيل هوندو آهي تہ صَفَر جي مهيني ۾ نئون ڪاروبار شروع نہ ڪرڻ گهرجي، نہ تہ نقصان جو خطرو آهي ۞صَفر المظفر ۾ سَفَر ڪرڻ کان بچڻ گهرجي، حادثو ٿي وڃڻ جو خطرو آهي ۞هن مهيني ۾ شاديون نہ ڪن، ڇوڪرين جي رخصتي نہ ڪن، گهر برباد ٿي وڃڻ جو خدشو آهي ۞ گهڻا وهمي طبيعت جا ماڻهو ماهِ صفر ۾ وڏو ڪاروبار شروع ناهن ڪندا ۞ ڪاروباري ڏيتي ليتي ناهن ڪندا ۞گهر کان ٻاهَر اچ وڃ ۾ گهٽتائي ڪري ڇڏيندا آهن. ڇو...؟ نحوست ٿيندي، حادثو پيش اچي سگهي ٿو.

لَاحَوْلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰه...!! جڏهن خيال کي آزاد ڇڏيندا سين تہ شيطان ائين ئي قبضا ڄمائيندو. حالت ڏسو اوهان...!! انسان هوائي جهاز تي ويهي هوا ۾ سَفَر ڪري رهيو آهي، ايتري ترقي ڪري ورتي پر دماغ ڏسو! 13 نمبر کي مَنْحوس سمجهي رهيو آهي.

اڙي ياءُ...!! ڪجهہ نہ ٿيندو. جنهن ڪاري ٻلي جي رستي ڪٽڻ کان ڊڄي رهيو آهين، ان ٻلي جي خالق و مالِڪ الله رَبُّ العِزَّت جي پناهہ ۾ اچي وڃ! ويچاري ڪاري ٻلي تنهنجو ڇا بگاڙيندي، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! سموريون بگڙيون سنورجي وينديون.

## بُرائي جا 70 دروازا

حضرت مَڪحول رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جنهن چيو: لَاحَوْلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ وَلَا مَنْجَاَ مِنَ اللهِ اِلَّا اِلَيْهِ الله پاڪ ان کان 70 قسم جون تڪليفون دُور فرمائي ڇڏيندو. جن مان سڀ کان گهٽ دَرجي جي تڪليف تنگ دستي آهي. (1)

## بيان جو خُلاصو

خير! پيارا اسلامي ڀائرو! ڪلام جو خلاصو هي آهي تہ اسان اِسْتِعَاذَه جي عادَت بڻايون. يعني الله پاڪ جي پناهہ گهرندا ڪريون. آسان طريقو هي

1... مصنف ابن ابی شیبہ، کتاب الدعاء، باب ما اذا قالہ الرجل...الخ، جلد:7، صفحہ:135، حدیث:1۔

بہ آهي تہ اَعُوْذُبِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ڪثرت سان پڙهندا ڪريون، هن هڪ جملي ۾ بانهو اِقْرار ڪندو آهي تہ ۞ مان پاڻ ڪي سجاڻي چڪو آهيان، ڏاڍو ڪمزور آهيان ۞ مان اهو بہ ڄاڻان ٿو تہ شيطان منهنجو سخت ترين دُشمن آهي ۞ ۽ مان اهو بہ ڄاڻان ٿو تہ الله پاڪ جي پناهہ جي بغير مان جتي بہ آهيان، غير مَحْفُوْظ آهيان، تنهنڪري مان الله پاڪ جي پناهہ ۾ اچان ٿو. جڏهن بانهو ائين الله پاڪ جي پناهہ گهرندو آهي تہ رَبِّ ڪريم ڏاڍو رحمٰن ۽ رحيم آهي، بانهي کي پناهہ عطا فرمائيندو آهي. جڏهن الله پاڪ جي پناهہ مِلي وجي، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! هڪ شيطان تہ ڇا ڪروڙين شيطان بہ اسان جو ڪجهہ نٿا بگاڙي سگهن. الله پاڪ اسان کي ان جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدرسةُ المدينہ بالِغان

پيارا اسلامي ڀائرو! گناهن کان نفرت جو جذبو حاصل ڪرڻ، نيڪ نمازي بڻجڻ جي سَعَادت حاصل ڪرڻ لاءِ عاشقانِ رسول جي دِيني تنظيم دعوتِ اسلامي جي دِيني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو! 12 دِيني ڪمن ۾ بہ خوب وڌي چڙهي حِصّو وٺو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! زِندگي سنورجي ويندي، الله پاڪ چاهيو تہ دُنيا کان بي رغبتي جي دولت بہ ملندي ۽ اَخْلاق ۽ ڪردار بہ سَنْورجي ويندا. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم مدرسة المدينہ بالغان بہ آهي جنهن ۾ درست تجويد ۽ قراءَت سان قرآنِ ڪريم پڙهڻ سيڪاريو ويندو آهي.

حديثِ پاڪ ۾ آهي: توهان ۾ بهتر اهو آهي جيڪو قرآن سکي ۽ سيکاري[1] ۞ قرآنِ مجيد الله پاڪ جو ڪتاب آهي ۞بانهن جي نالي رَبِّ ڪريم جو پيغام آهي ۞پر افسوس! اڄ مسلمان قرآنِ ڪريم کان ڏاڍو پري ٿيندا پيا وڃن ۞ گهڻن ماڻهن کي مثان ڏسي بہ دُرست قرآنِ مجيد پڙهڻ نٿو اچي ۞جيڪي پڙهي وٺن ٿا اهي بہ تَجْوِيد ۽ مخارج جون اهڙيون غلطيون ڪن ٿا، جن جي سبب نماز ئي ناهي ٿيندي.

1... ترمذی، کتاب فضائل القرآن، باب ماجاء فی تعلیم القرآن، صفحہ:675، حدیث:2907۔

اَلحَمْدُلله! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي مختلف مسجدن ۽ ماركيٽن ۾ روزانو جي بنياد تي مدرسةُ المدينہ بالغان جون ڪلاسون لڳائي قرآن ڪريم جو فيضان عام ڪرڻ ۾ مَصْرُوف آهي ۞ جن ۾ دُرُست تجويد ۽ قراءت سان قرآن ڪريم پڙهڻ سيکاريو ويندو آهي ۞ فرض عُلُوم بہ ٻڌايا ويندا آهن ۞ سُنّتون ۽ آداب بہ سيکاريا ويندا آهن ۽ ۞ ترجمو ۽ تفسير ٻڌڻ جو بہ موقعو ملندو آهي. اوهان بہ ان ۾ شرڪت ڪندا ڪريو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ڪوڙ برڪتون ملنديون. اچو! ترغيب لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا.

## فيشن پرست جي زندگي ۾ بهار اچي وئي

زم زم نگر، حيدرآباد (بابُ الاسلام،سنڌ) جي علائقي آفندي ٽاؤن جي مقيم هڪ اسلامي ڀاءَ جي بيان جو خلاصو آهي: آئون هڪ فيشن پرست نوجوان هيس، دُنيا جي موج مستي ۾ گُم، پنهنجي آخرت جي اَنْجام کان غافل زندگي جا ڏينهن گذاري رهيو هيس تہ منهنجي سُتل قسمت جاڳي پئي، مون ڪي مَدرَسةُ المدينہ (برائي بالغان) جون روحاني فضائون تہ ڇا ميسر آيون، منهنجي تہ خوش بختي جي سفر جو آغاز ٿي ويو- مَدرَسَةُ المدينہ (برائي بالغان) جي برڪتن منهنجي دل جي اونداهي ڪي خوفِ خدا ۽ عشقِ مُصطفٰي جي ڏيئي سان مُنوَّر ڪري ڇڏيو- ان ۾ مون ڪي قرآنِ ڪريم جي تعليم سان گڏوگڏ سُنتن تي عمل جو جذبو بہ مليو ۽ هفتيوار سُنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت بہ نصيب ٿي- اَلْحَمْدُلِلّٰه مدرسةُ المدينہ (برائي بالغان) ۾ پڙهڻ جي برڪت سان منهنجي زندگي ۾ مدني بهار اچي وئي، فيشن پرستي ۽ موج مستي کان نجات حاصل ٿي

ترا شکر مولیٰ دیا دینی ماحول | نہ چھوٹے کبھی بھی خدا دینی ماحول
دعا ہے یہ تجھ سے دل ایسا لگا دے | نہ چھوٹے کبھی بھی خدا دینی ماحول(1)

## اَلقُرانُ الڪريم موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اڄ ٽيڪنالاجي جو دور آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جديد ٽيڪنالاجي جي ذريعي بہ عِلْمِ دين جو

1... وسائلِ بخشش،صفحہ: 647-648۔

فيضان عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. دَعْوَتِ اسلامي جي I.T ڊپارٽمينٽ طرفان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي) Al Quran ul kareem :القرآن الڪريم). هن موبائل ايپلي ڪيشن ۾ ۞مڪمل قرآنِ پاڪ پڙهڻ ۞۾ مختلف قارين جي آواز ۾ قرآنِ ڪريم ٻڌڻ جي سهولت موجود آهي ۞ان سان گڏوگڏ ڪنهن مخصوص سورت يا آيت کي Bookmark به ڪري سگهجي ٿو يعني بار بار پڙهڻ واري سورت يا آيت کي Bookmark جي بدولت بآساني پڙهي سگهجي ٿو.

اَلْحَمْدُلِلّٰه! هينئر تائين تقريبن 10 لک کان وڌيڪ فرد هن ايپلي ڪيشن کي ڊائون لوڊ ڪري چڪا آهن. اوهان به هي ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري وٺو، پاڻ به فائدو حاصل ڪريو ۽ ٻين کي به ان جي ترغيب ڏياريو.

## ڪجھ ضروري اعلانات

هر هفتي امير اهلسنت مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي به مدني چينل تي رات 9 لڳي 45 منٽن تي اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو. جنهن ۾ شيخِ طريقت، امير اهلسنت مولانا الياس عطّار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب پڻ عنايت فرمائيندا. تمام ذميوار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ به شرڪت ڪن ۽ ٻين کي به ان جي دعوت ڏين.

❀شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه يا خليفهءِ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر هفتي هڪ دِيني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالو "شڪر جون برڪتون" جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ به پڙهو! ٻين کي به ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا مثلاً واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، رضاءِ الٰهي ۽ ثواب جي لاءِ هي رسالو ٻين کي به شيئر (Share) ڪيو!

❀خليفهءِ اميرِ اهلِ سنت حضرت مولانا عبيد رضا عطاري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا پُراثر ۽ محبت ڀريا بيان هاڻي ڪتاب جي صورت ۾ ”بيانات خليفهءِ امير

اهلسنت“ جي نالي سان دستياب آهن. توهان هن بيانن جي مجموعي کي مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان 650 روپين ۾ قيمتاً طلب ڪري سگهو ٿا۽ پاڻ بہ مطالعو ڪيو! ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏيو!

❀ مجلس تقسيمِ رسائل پاران ماهِ مُحَرّم شريف جي نسبت سان علم ۽ عمل جي فروغ لاءِ 2 بهترين ڪتابن ۽ رسالن تي مشتمل 2 خاص پيڪيج پيش ڪيا پيا وڃن:

**پيڪيج نمبر 1** (**صرف 100 رپين ۾** 1 عدد گذريل سالن جو ماهوار (عام) 2عدد چونديل رسالا

**پيڪيج نمبر 2** (**صرف 200 رپين ۾**): 1 عدد گذريل سالن جو ماهوار (خاص) 3عدد وڏي سائيز ۾ 1 عدد ننڍو رسالو.

هنن پيڪيجز جو مقصد اسلامي معلومات عام ڪرڻ ۽ مُحَرّم شريف جي عظمت ۽ پيغام کي گهر گهر پهچائڻ آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

منا اسلامي ڀائرو! بيان کي پڄاڻي تي آڻيندي، سنت جي فضيلت ۽ زندگيءَ جا چند آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِيْ فَقَدْ اَحَبَّنِيْ وَمَنْ اَحَبَّنِيْ كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ يعني جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي، ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي، اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## وعدي جي پابندي سُنَّت آهي

2 فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **(1):** جيڪو وعدو پُورو نٿو ڪري، ان جو ڪو ايمان ناهي[2] **(2):** جيڪو مسلمان پنهنجي ڀاءُ سان وعدي خلافي ڪري ان تي الله پاڪ ۽ فرشتن ۽ سڀني انسانن جي لعنت آهي.[3]

---

1... تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔
2... مصنف ابنِ اَبِي شيبہ، کتاب الايمان، جلد:7صفحہ:223۔
3... بخاری، کتابُ الجِزيہ، باب اثم من عاهد ثم غدر، صفحہ:815، حديث:3179۔

اي عاشقانِ رسول! وعدو پورو ڪرڻ سُنّتِ مصطفيٰ بلڪ سُنّتِ انبياء آهي ۞اسان جا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وعدي جا تمام پَڪا هئا ۽ ۞وعدو ٽوڙڻ کي گهڻو ناپسند فرمائيندا هئا ۞اِعْلانِ نبوت کان پهريان هڪ ڀيري هڪ شخص پاڻ سڳورن کي عَرْض ڪيو: اوهان ترسو! مان هينئر ٿو اچان، اهو شخص هليو ويو پر واپس اچڻ وساري ويو، 3 ڏينهن ڪانپوءِ ان کي ٻيهر ياد آيو، جڏهن هي انهيءَ جاءِ تي پهتو ته ڏسي حيران رَهجي ويو ته پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم 3 ڏينهن گذرڻ جي باوُجود اتي ئي تشريف فرما هئا ۽ مَاشَآءَ الله! شفقت ۽ رَحْمت ۽ حُسْنِ اَخلاق ڏسو! پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي دڙڪو نه ڏنو ۽ نه ئي جلال فرمايو، بَس ايترو فرمايائون: اي شَخْص! تو مون کي مشقت ۾ وجهي ڇڏيو.[1] الله پاڪ اسان کي به سُنّتِ سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي عمل ڪندي وعدا پُورا ڪرڻ وارو بڻائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم۔

مختلف سُنّتون سکڻ لاءِ مڪتبة المدينہ جي بهارِ شريعت جلد:3 مان حِصّو 16 ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت مولانا الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو 550 سُنّتون ۽ آداب خريد فرمايو ۽ پڙهو. سُنّتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سُنّتن ڀريو سفر به آهي.

سنّتیں سیکھنے تین دِن کے لیے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

1... اَبُو داوٗد، كتاب ادب، باب فی العدة، صفحه:781، حديث:4996۔

## ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

---

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151 ملخصًا
2... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65
3... القول البديع، الباب الثانى، ص277

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[1]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰی لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.[2]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[3]

---

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149
2... القول البديع، الباب الاول، ص2125
3... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کیفية الصلاة...الخ،254/10،حدیث:17305

2... ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حدیث 4455